# تبديليءَ جا اهڃاڻ ۽ عدم تشدد تي ٻڌل عمل

## AGENTS OF CHANGE AND NONVIOLENT ACTION

**HARDY MERRIMAN**

CONSERVATION BIOLOGY, VOLUME 22, NO. 2, APRIL 2008
TRANSLATION: DECEMBER 2016

# TRANSLATOR'S NOTES

# تبديليءَ جا اهڃاڻ ۽ عدم تشدد تي ٻڌل عمل

عدم تشدد تي ٻڌل عمل عام ماڻهوءِ لاءِ انصاف، آزادي ۽ حقن لاءِ وڙهڻ جو هڪ رستو آهي. عدم تشدد جي ان رستي کي اڪثر اخلاقي عدم تشدد سان ڳنڍيو ويندو آهي پر مان ان کي هڪ الڳ مظهر طور سمجهان ٿو، اخلاقي مسئلي کان بلڪل الڳ ته جيئن ان معاملي کي چڪتاڻ ۽ تضادن جي وقت ۾ ڪيئن هڪ الڳ سياسي هٿيار ۽ حڪمت عملي طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.

عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪن جو بنياد ان ڳالھ تي هوندو آهي ته ڪنهن به سماج ۾ طاقت جو سرچشمو پس و پيش عوام ئي هوندو آهي. ان جي برعڪس سماج ۾ رائج خيال اهو آهي ته طاقت ان وٽ آهي جنهن دولت هٿ ڪئي هجي ۽ هو ايترو سگهارو آهي جو طاقت جو استعمال ڪرڻ جو حق رکي ٿو. هيءَ سمجهڻ ضروري آهي ته طاقتور ان ڪري مڃيل مڃ لڳي ٿو ڇو جو هن جي اطاعت ٿئي ٿي، ماڻهو هن جا تعبيدار ٿيو هلن ٿا، سماج ۾ تعبيداري جون روايتون موجود هجن ٿيون، پر جيڪڏهن سماج ۽ ان جا ماڻهو پنهجيون وفاداريون تبديل ڪن، اطاعت ڪرڻ ڇڏي ڏين ته سماج ۾ طاقت جو توازن تبديل ٿيندو. حڪمرانن ۽ وڏيون ڪمپنين جي بالادستي ۽ حڪمراني نه هلي سگهندي جيڪڏهن ماڻهو هنن جي اطاعت ڪرڻ ڇڏي ڏين.

تنهن ڪري عدم تشدد تي ٻڌل عمل ۽ تحريڪون ان ڪري ڪامياب ۽ اثرائيتيون ٿين ٿيون ڇو جو اجتمائي طور ماڻهو حڪمرانن جي اطاعت ڪرڻ ڇڏ ڏين ٿا. اهڙيون تحريڪون ڊرامائي انداز ۾ اوچتو وڏا ڇال ڏئي طاقت جو توازن تبديل ڪري سگهن ٿيون مثال طور انڊيا جي آزادي جي تحريڪ جو ڪي ڏسو جيڪا عدم تشدد تي ٻڌل هئي. يا امريڪي سول رائيٽس (شهري حقن واري تحريڪ) واري تحريڪ، پورهيتن جون ڪيتريون ئي تحريڪون به ان جو مثال آهن، 1960 جي ڏهاڪي ۾ يونائيٽڊ فارم ورڪرس تحريڪ، 1986 ۾ فرڊيننڊ مارڪوس جو زوال، 1988 ۾ آگسٽو پنوشي جي پڄاڻي، 1980 ۽ 1990 جي ڏهاڪي ۾ ڏکڻ افريڪا ۾ اپارٿائيڊ جو خاتمو، سال 2000 ۾ سلوبڊن ملاسووڪ جي اقتدار جي پڄاڻي، 2004 ۾ يوڪرين ۾ آمريت جو خاتمو. اهي سڀ تبديلين جا ڪيترائي قسم ٿي سگهن ٿا مثلن جڏهن ماڻهو اجتمائي طور ڪو فيصلو ڪن ته هو ڪجھ به ڪري سگهن ٿا، ڪنهن مصنوعات جو بائيڪاٽ ڪن يا متبادل ادارا ۽ معاشي سرشتا قائم ڪرڻ چاهين. عدم تشدد تي ٻڌل ان قسم جا عمل ٽن مختلف ڪيٽيگرين ۾ ورهائي سگهجن ٿا: پهريون ايڪٽ آف ڪميشن، يعني ماڻهو اهڙا عمل ڪن ٿا جن جي هنن مان توقع نه ٿي ڪئي وڃي، يا ڪين ان جي اجازت نه ٿي هجي. ٻيون: ايڪٽ آف اوميشن مطلب ته ماڻهو اهو ڪم نه ٿا ڪن جن جي هنن مان توقع رکي وڃي ٿي يا جيڪو هنن جو فرض هجي ٿو، ٽيئن ڪيٽيگري هيٺ هو مٿين ٻنهي ڪيٽيگرين کي گڏائي يعني ڪجھ حصو اهو ڪن ٿا جنهن جي هنن مان توقع نه هوندي آهي ۽ ڪجھ حصو جيڪو هنن جو فرض هجي ٿو.

ڪافي ماڻهو اهو وساري ويٺا آهن ته سماج جي اندر طاقت جا اصل مظهر هو پاڻ آهن. توڙي جو تدريسي عمل، وڏيون ڪمپنيون، حڪومتون ۽ مکيه ذارا جي ميڊيا بار بار اهو ورد ڪندي رهي ٿي ته طاقت فقط ڪجھ فردن وٽ آهي جيڪي سرڪاري بلڊنگس ۽ ڪارپوريٽ شعبي جي آفيسن ۾ رهن ٿا، ۽ پيئسو ۽ هٿيار ئي طاقت جو اصل ذريعو آهن. اهو نظريو، سوچ جو زاويو ۽ فڪر سندن مفادن جي حق ۾ آهي. دنيا جي تاريخ ۾ جيڪي به عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪون ڪامياب ٿيون آهن انهن پنهجن ماڻهن کي گڏيل عمل ذريعي سجاڳ ڪيو آهي، ڪين منظم ڪيو آهي، ۽ عوام جا هجوم

جڏهن هڪ مقصد لاءِ گڏ ٿيا آهن تڏهن هو پئسي ۽ فوجن کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيا آهن. عوامي تحريڪن کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، هو ماڻهن کي بار بار اها ڳالهه سمجهائين ۽ سندن گهڻو زور ان نقطي تي هجي.

ڳالهه کي اڳيان وڌائيندي هي نقطو به نظر ۾ رکڻو پوندو ته ڪامياب تحريڪون نه صرف ماڻهن کي اهو ٻڌائيديون آهن ته هو ئي طاقتور آهن بلڪه هو عام خلق آڏو حاصل ڪرڻ جهڙا مقصد پڻ رکندا آهن، پوءِ اهي مقصد لکت ۾ پيش ڪري عام ماڻهوءِ تائين پهچائيندا آهن. پنهجي سوچ کي ماڻهن تائين پچائيندا آهن. اهي فتحون ممڪن آ ته محدود هجن پر جڏهن خلق تائين پهچن ٿيون ته انهن جو اثر وسيع ٿئي ٿو. مثال طور امريڪا ۾ هليل شهري حقن (سول رائٽس) واري تحريڪ، امريڪي رياست الباما ۾ 1955 ۽ 1956 ۾ ٿيل مشهور واقعو جنهن ۾ بس ۾ ڪارن ۽ اڇن کي الڳ الڳ وهاريو ويندو هو ۽ بعد ۾ 1960 نيش ويل ۾ ٿيل واقعو. جن بعد ۾ وڏين تحريڪن کي جنم ڏنو. خود هندستان جي آزادي واري تحريڪ جي پٺيان ڪجھ اهم واقعن جو وڏو ڪردار رهيو جن ۾ لوڻ جي ڪاڻين وارو ايڪٽ ۽ 1930 ۽ 31 ڏاري جوڙيل ٻيا قانون.جڏهن حاصل ڪيا ويا تڏهن اهي ڪي وڏا مقصد نه هئا خاص ڪري جڏهن انهن جي پيٽ بعد ۾ حاصل ڪيل وڏن مقصدن سان ڪئي وڃي، مثلن امريڪا جي ڏکڻ وارين رياستن ۾ اڇن ۽ ڪارن جي وچ ۾ متيپد واري پاليسي جو خاتمو، يا وري هندستان جي آزادي حاصل ڪرڻ. پرانهن ننڍن مقصدن جو وڏو ڪارج تحريڪن جو محرڪ بنجڻ هو، انهن ننڍن قدمن وڏين تحريڪن لاءِ اتساهه بخشيو. انهن ننڍين ڪاميابين ماڻهن کي هي ڳالهه سمجهائي ته سندن عمل بيڪار نه آهن، انهن جو قدر ۽ اثر ٿئي ٿو ۽ پيو ته تبديلي آڻڻ جي هنن ۾ صلاحيت موجود آهي، ان احساس جي باعث ئي هنن جي عوامي حمايت ۾ واڌ ٿي ۽ اڳتي هلي اهي تحريڪن قومي توڙي عالمي منظر تي عام ٿيون.

اهي مقصد ان ڪري حاصل نه ٿيا هئا ڇاڪاڻ جو هندستان جي آزادي جي تحريڪ ۽ امريڪن سول رائٽس تحريڪ جا مضبوط اخلاقي بنياد هئا يا صرف هن ان جي صحيح هجڻ ڪافي هو. بلڪه اهي مقصد ان ڪري حاصل ٿي سگهيا ڇاڪاڻ جو انهن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۽ تحريڪ جا جديد نوان طورطريقه استعمال ڪيا ويا، تمام گهڻي محنت ڪئي وئي ۽ حالتن جو صحيح جائزو ورتو ويو.دنيا جي تاريخ ۾ عدم تشدد تي ٻڌل سمورين ڪامياب تحريڪن جا پٺيان به اهڙن ئي عملن ۽ قدمن جو ڪردار هوندو آهي. پر تنهن جي باوجود به ڪافي ماڻهو عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪن پٺيان انهن محرڪن کي سمجهي نه سگهندا آهن ۽ هو سياسي جدوجهد کي فقط غصي جو اظهار، جلسا جلوس ۽ اخلاقي فتح تائين محدود سمجهن ٿا يا وري چوندا آهن ته انهن تحريڪن جي ڪاميابي جي پٺيان ڪنهن هڪ پرڪشش شخصيت جو مک ڪردار هوندو آهي جن وٽ ڪو ڪرشماتي پاور هوندو آهي جنهن ڪري اهي مقصد حاصل ٿيندا آهن. ايئن هر گز نه هوندو آهي، نه ئي وري ان لاءِ ڪي اهڙا ماڻهو گهربل هوندا آهن جيڪي نظرياتي طرح عدم تشدد جا پوئلڳ هجن. ان قسم جي تحريڪ لاءِ ضرورت ان جي ڳالهه هوندي آهي ته اهڙو تصور هجي جيڪو ماڻهن کي ميڙي هڪ ڪري، متحد ڪري، اثراتي حڪمت عملي هجي، عوام سان رابطو واضع هجي، ۽ مخصوص حالتن پٽاندر عمل هجڻ گهرجن. عدم تشدد واريون تحريڪون هر علائقي جي مخصوص ۽ منفرد حالتن پٽاندر هونديون، ڪو هڪڙو حل نه هوندو جيڪو هر هند لاڳو ٿئي. اهڙين تحريڪن جا رهنما اصول تقريب ساڳيا هوندا آهن مثلن فيصلا گڏيل راءِ سان ڪرڻ ۽ انهن کي سڀني طرفان قبولڻ وغيره، پر انهن فيصلن جو اطلاق هر معاشري جي مخصوص حالتن کي نظر ۾ رکندي ڪيو

ويندو آهي. پوءِ اهو ڪو جرئت تي ٻڌل عوامي عمل هجي يا اقتداري قوت جي رعيت مٿان اطاعت
ڪي ڪمزور ڪرڻ جو ڪو ٻيو عمل. ماڻهن لاءِ اهو هڪ اهڙو عمل هجي ٿو جنهن ذريعي هو
سماج ۾ سياسي ميدان جوڙڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو جنهن ذريعي ظالم حڪمران کان ڪسيل حق وٺي
سگهجن.

خوشقسمتيءَ سان ان موضوع تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو ويوآهي ته ڪي.ن مختلف ماڻهن عدم
تشدد ذريعي ماضيءَ ۾ ۽ تاريخي طور ان حڪمت عمليءَ ذريعي پنهجا حق حاصل ڪيا آهن. عدم
تشدد تي ٻڌل تحريڪن بابت ڄاڻ جي تمام گهٽي طلب موجود آهي، اهي سمورا ماڻهو جيڪي عوامي
طاقت جي اهميت سمجهن ٿا ته عدم تشدد تي ٻڌل عمل ڪافي نتيجه خيز ثابت ٿي سگهن ٿا. پر ان
موضوع تي اوهان کي اڪثر اخبارن ۾ اهڙيون تحريرون نظر نه ايندريون، ڪيترائي سياستدان اوهان
کي ان موضوع تي ڳالهائيندي به نظر نه ايندا پر جي اوهان هيٺئين سطح تي سرگرم ڪارڪنن،
سول سوسائيٽي جي اڳواڻن سان ڳالهائيندا ته دنيا جي هر ڪوني مان اوهان کي اهي خبرون ۽ آواز
ٻڌڻ ۾ ايندا. ڇاڪاڻ ته هنن کي خبر آهي ته هر معاشري ۾ تبديلي جو اهڃاڻ ماڻهو ئي هجن ٿا ۽
حقيقي تبديلي عوام مجهان ئي اچڻي آهي. هو ڪنهن اڳواڻ جو انتظار نه ٿا ڪن جيڪو اچي سندن
اڳواٽي ڪري ڇو ته کين خبر آهي ته حڪومتون ۽ وڏيون ڪمپنيون (ڪاپوريٽ شعبو) ان حوالي
سان پيش رفت نه ڪنديون، نه ئي هو عوامي حقن لاءِ ڪجھ ڪنديون جيسڪڏهن ماڻهو کين دباءَ
وسيلي عمل لاءِ مجبور نه ڪن ۽ سندن احتساب نه ڪن. تنهن ڪري سڄي دنيا ۾ ماڻهو عدم تشدد
تي ٻڌل تحريڪن لاءِ واجهائي رهيا آهن پوءِ اهو ووٽ جو عمل هجي، قانون ۾ تبديليون هجن يا
تبديليءَ لاءِ ٻيا ڪي روايتي طريقه هجن. هنن لاءِ اهو هڪ حقيقت پسنداڻو رستو آهي جنهن ذريعي
هو پنهجي قوم، برادري، آبادي ۽ علائقن لاءِ حق، آزاديون، انصاف، عورتن جا حق، اقليتن ۽ مقامي
ماڻهن جي حقن کان وٺي ماحولياتي حقن تائين مقصد حاصل ڪري سگجهن ٿا. عدم تشدد تي ٻڌل
تحريڪن جا مقصد ڪهڙا به هجن پر ان لاءِ ابتدائي گهرجون ساڳيون هجن ٿيون سو آهي ماڻهن جي
ذهنن ۾ طاقت جي تصورکي تبديل ڪرڻ. انسان ذات جي منزل تبديل ڪرڻ لاءِ هن قسم جي ڄاڻ
ماڻهن سان ونڊڻ انتهائي ضروري آهي، کين سجاڳ ڪرڻ ۽ کين سندن لڪل طاقت سمجهائڻ ۽ ان
جي اگاهي ڏيڻ.